**ڊاڪٽر رُخمان گل پالاري**

[چيئرمئن، سنڌي شعبو ڪراچي يونيورسٽي]

# ”سُر سَسُئي آبريءَ ۾ ڪوهستاني لهجو“

# Kohistani Dialect in sur Sasui Aabri

**Abstract:**

Shah Latif travelled through every territory of Sindh, and his poetry contains words of regions he treaded. Shah Latif's *sur Sasui Aabri* contains many common words, and some terms, of the *Kohistani* dialect. There is a place after his name on a regional mountain called *Paanwari*. Currently, there is some construction work going on in that area also. The track that Sasui took in searching for Punhoon, called "*Sasui Ji Waat*" or "Sasui's pathway". Unfortunately, these ancient marks are getting erased. Background, meaning, and interpretation of many Kohistani words and terms used by Latif in his *sur Sasui Aabri* have been given in this paper.

سنڌي ٻوليءَ جي ڪوهستاني لهجي بابت هن کان اڳ منهنجا ٻه مقالا ڇپجي چڪا آهن، جن مان هڪ ”شاهه ۽ ڪوهستاني لهجو“ ڇماهي ڪلاچي تحقيقي جنرل سال سيپٽمبر- ڊسمبر 2001ع واري پرچي ۾ ڇپيو جنهن ۾ سسئيءَ جي پنجن ئي سرن کان سواءِ ٻين سرن ۾ آيل ڪوهستاني لهجي جي لفظن وارا ٻه- ٻه، ٽي-ٽي بيت نموني طور ڏنا ويا، جڏهن ته ٻيو مقالو ”ڪوهستاني لهجو“ جي عنوان سان ”سنڌي ٻولي“ تحقيقي جرنل سان سيپٽمبر 2008ع ۾ ڇپيو هن مقالي ۾ صوتي، صرفي ۽ نحوي حوالي سان ڪوهستاني ۽ معياري لهجي جي ڀيٽ ڪئي ويئي آهي. پر موجوده هن مقالي ۾ لطيف جي سُر سسئي آبريءَ ۾ شاهه لطيف جيڪي هن تر (ڪوهستان) جا لفظ ڪتب آندا آهن انهن تي پنهنجا ورڇيل ويچار ونديان ٿو. جيڪڏهن ڪوهستاني ايراضي ٽا ڪَڇيُون (ماپيون) ته ڳالهه گوڙ کان چڙهيو وڃي، ضلعي ٺٽي جو جُنگشاهيءَ وارو سڄو اتر وارو پاسو ويندي هيٺ گگهر تائين، ڪراچيءَ جو سڄو ضلعو ملير، ضلعي ڄام شوري جا ڏري گهٽ ٽي حصا، ضلعي دادوَ

جو اتريون اولهائون پاسو بلوچستان جو ڏُريچي، خضدار ضلعو لسٻيلو سڄو جائو جبل جو سڄو اولهائون اترئين ڪنڌ وارو پاسو بارڪان تائين، وري ڏاکڻئين پاسي اورماڙه، پسني، جيوڻيءَ کي الهندي پار ڪندي ايراني دشت ۾ اورانگهيو وڃي. انهيءَ سڄي ڪوهستاني پٽيءَ جو جيڪڏهن ڪوري ڪاڳر (ڪاغذ) تي نقشو چٽيون ته چِٽ ڪا ٻانهياري ٻيلهه دلا ڪنيو رَلَ رَمندَي مَنڊِيندي اچي، ان سڄي ڪوهستاني پٽيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جا پورا پنج لهجا ڳالهايا وڃن ٿا. جن ۾ لاڙي، ڪوهستاني، لاسي، ڪيتراني ۽ جدگالي. اڪثر ماڻهن کي ڪيتراني لهجي جي شايد خبر به نه هجي، جدگالي لهجي تي وري ڊاڪٽر آفتاب ابڙي جو هڪ ڪتابڙو لکيل آهي، جنهن ۾ جدگالي لهجي کانسواءِ ٻيو ڪي ڪجهه آهي، ته اهي لهجا چڻ ته هڪٻئي سان سلهاڙيا پيا آهن. جو منجهن ڪيترائي هڪجهڙا لفظ معمولي اُچارن جي، ڦيرڦار سان ڳالهايا وڃن ٿا. ان ڪوهسارن واري سڄيءَ پٽيءَ ۾ جي انساني اوسر جا آثار ڳوليون ته انساني جهنگلي جيوت کان وٺي انساني سڌريل تهذيب جا سوين آثار پڌر تي پڪڙيا پيا آهن. آئون هتي فقط سنڌ جي راڄڌاني ڪراچيءَ جي ضلعي ملير جي اترين اولهائين ڪُنڊ جي چند قديم آثارن جو ذڪر ان ڪري ضروري ٿو سمجهان جو انهن آثارن جو سنئون سڌو واسطو سسئيءَ ۽ شاهه لطيف سان به آهي.

سو سسئي به اها واٽ وٺي هوت پنهونءَ جا پير ڪڙهيندي ويئي هئي، اهو گس اڄ به "سسئيءَ جي واٽ" جي نالي سان مشهور آهي، شاهه لطيف به اهائي واٽ وٺندي هيءَ شاهدي ٿو ڏئي:

ڪَڙهي ۽ ڪَڙي، پِڙَ ۾ پير پنهونءَ جو،
سِڪ ٻَڏائِين سَندَرو، جَانبَ لاءِ جَڙي،
لَکن سِر لطيف چئي، مُنڌَ جهيڙي ۽ جَهڙي،
پَٽِي تان نه پَڙي، جي عُمرِ سَڀِ اِيئن ڪري،

پر سڀني رسالن ۾ هن بيت جي پهرين سِٽ هينئن لکيل آهي.

"ڪڙهي ۽ ڪڙي، پَرِ ۾ پير پنهونءَ جو".

لفظ: پَرِ = ڳجهه ڳوهه ۾ جڏهن ته پِڙُ اصل ۾ هڪ ماڳ آهي، پڙ (رلو پڙ) ترا ڪڙو پٽريلو پوٺو جنهن کي "پِڙُ" ۽ "لَلَو پِڙُ" به چون (هن ماڳ جو سسئي پنهونءَ واري قصي سان به لاڳاپو آهي) جيڪو "پانواري جبل" جي لڳ الهندي پاسي آهي، پانواري جبل

تان ميهوڳيءَ جو پاٽي هن پوني ۾ جمع ٿي پرپاسي وارا ٻنيون ٻارا پُر ڪري پوءِ ٻچيل پاٽي وچي "لنگهيجي نئن" ۾ ڇوڙ ڪندو آهي. هي پيالي نما تراڪڙو پونو جڻ تہ هن جُوءِ جِي مينهوڳي پاٽيءَ جي ورهاستي وَهڪَ آهي. شاهہ لطيف پَڙ ۾ پانواري جبل جو ذڪر هيئين بيت ۾ ڪيو آهي:

وَڃڻ مُون وَاجب ٿِئو صُبح سَوارو،
پَڙَ ۾ پيرُ پنهونءَ جو، لڳو لاَوارو،
پٻُ وجهنديس پُٺِ تي، پَڇَنديِ پَانوارو،
ڏونِڻ جو ڏَاڙو، جَيڪس جَتَ هَٿِي وِئا.

پانواري جبل تي شاهہ لطيف جو تڪيو پڻ هو، جنهن تي نانيءَ (هنگلاج) ڏانهن ويندڙ جوڳي ٻيو پاٽو اچي ڪندا هئا. پر افسوس هن تڪيي تي هن وقت بحريہ ٽائون جي سرمائيدار مالڪ طرفان نهرايل پاڪستان جي وڏي ۾ وڏي مسجد تي، ڪم ڪندڙ مزدورن لاءِ پيشاب جون جايون نهرايون ويون آهن! 15 ڪلو ميٽر ڊگهو ۽ 800 فوٽ اوچو پانوارو جبل ڊاهي پوٺو ڪيو ويو آهي، جنهن تي چڙهڻ سان پٻ جبل پڌرو بيٺو هوندو هو ان پَڙَ واري جاءِ تي وڏو گولف ڪلب ٺاهيو ويو آهي! هي سڄو تر قديم تاريخي آثارن جي جڻ تہ کاڻ آهي، جنهن ۾ پٿر جي دؤر جي اوزارن جا ڪيئي ماڳ، قديم گڏيل زراعتي نظام جي آثارن جون نشانيون اَن ڇٽڻ جون نِنگهون (Cupmarks) جي پاڪستان ۾ هن وقت تائين جي لڌل ننگهن ۾ سڀ کان وڏيون ۽ تعداد ۾ بہ وڌيڪ آهن.

ويجهڙائي وارن ٻن اڍائي سالن ۾ سسئيءَ ۽ شاهہ لطيف جي واٽ وارا اُهي اڻ ڳڻيا ماڳ هاٽي ميسارجي رهيا آهن. انهن ماڳن واري زمين جيڪا هزارين ايڪڙن تي مشتمل آهي، اها بحريہ ٽائون واري سرمائيدارخريد ڪري اتي تعميراتي رٿائون شروع ڪيون آهن.

اڄ اسين دنيا جي وڏي شاعر (لطيف) جي شاعريءَ ۾ سندس ئي ٻوليءَ جا لهجا پيا ڳوليون، اسان جا عالم ان جي پيدائش جا ٿي هنڌ ٻڌائين ٿا. درسي ڪتابن ۾ هالا حويلي لکيل آهي، انهن ماڳن تي تحقيق جي اڃان بہ ڪافي ضرورت آهي، پر انهن ماڳن جي حالت ڏسو تہ جڻ اسان زمين تان ئي ميساري ڇڏيا آهن. هالا حويلي ۽ پيئڻ پور تہ ٿيا پٽ شاهہ کان 15، 18 ڪلوميٽر پري- هڪ اپرندي، ٻيو ڏکڻ ۾ پر پٽ شاهہ جي ڪڇ ۾ اتر طرف ڏيڍ ٻن ڪلو ميٽرن جي پنڌ تي سَوڙِي ڪُندر مُقام تي ڪو

اڃا تحقيق ڪري تہ ڪيس سواءِ عجيب ڏند ڪٿائن جي ڪجھ بہ پلئہ نہ پوندو.

تحقيق جو ذڪر نڪتو آهي تہ هڪ ٻيو بہ تاريخي هاڃو ٻڌو: هن وقت تائين جن بہ شاهہ لطيف تي سوانح جي حوالي سان تحقيق ڪئي آهي، انهن سڀني شاهہ لطيف جي سُهري جو نالو مرزا مغل بيگ لکيو آهي، اڄ ڪان ويهارو سال اڳ ڊاڪٽر ڪليم الله لاشاريءَ شاهہ لطيف جي ساهري جي قبر هٿ ڪري ان تي لکيل نالو سن ۽ قبر جي تصوير (The Archaeological review Sept. 1997) رسالي ۾ ڏيئي هڪ مقالو پڻ لکيو هو ۽ قبر جي تصوير ۾ اهو پڻ واضح ڪيو هو تہ قبر واري مٿئين پٿر ڪي وچ تان سِير بہ پيل آهي، اهو قبرستان هن وقت ڀٽ شاهہ کان ويھہ ٻاويهہ ڪلوميٽر الهندي ڏکڻ ڪنڊ تي ٽنڊي آدم کان ٽنڊي الهيار ويندڙ روڊ جي عثمان شاهہ هڙيءَ واري اسٽاپ کان ٻہ ڪلوميٽر اتر طرف آهي. هن وقت اهو قبرستان "ميين ونهيين" جي نالي سڏجي، ميين ونهيين جي مقبري کان سڏ پنڌ تي ڏکڻ ۾



(ميين ونهيين قبرستان ۾ مرزا بيگ بن جان بيگ ارغون جي قبر)

اوڀر واري ڪنڊ تي ڄارين ۽ ديوين جي جهنگ ۾ قاسم بيگلار ۽ سندس خاندان جي قبرن کان ٽيهارو فوٽ کن اتر طرف شاهہ لطيف جي سهري جي قبر ٽٽل حالت ۾ موجود آهي. قبر جو مٿيون وڏو پٿر بہ اڌ ٿيل آهي، ان پٿر جو نالي وارو حصو قبر جي پيرانديءَ پاسيرو پيل آهي، جنهن تي بنهہ واضح لکيل آهي: "مرزا بيگ بن مرزا جان بيگ ارغون سن 1124ع"

ڊاڪٽر غلام علي الانا بہ پنهنجي هڪ مضمون ۾ هن قبرستان ۾ اچڻ جو ذڪر ڪيو آهي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ بہ هتي آيو هو. اسان جي، هنن ٻنهي ناميارن عالمن هن تاريخي ڇُڪَ تي رڪيل ڇپ ڪي چوريو بہ ناهي، اهڙين تاريخي تاريڪين تي سنڌ جي ثقافت کاتي کي ڌيان ڏيڻو پوندو.

شاهہ لطيف رحہ سر سسئي آبريءَ ۾ ڪوهستاني لهجي جا عام لفظ ۽ ڪن بيتن ۾ هن ترجا عام اصطلاح بہ ڪتب آندا آهن. جن جي شاهہ لطيف جو رسالو سهيڙيندڙ عالمن کي بہ پروڙ پئجي ناهي سگهي! اصطلاح پنهنجي اندر هڪ الڳ معنيٰ رکي ٿو جيڪڏهن انهن لفظن کي ٽوڙي ڌار ڌار معنيٰ ڪبي تہ معنيٰ ئي بدلجي



(سئي قندر: شاهہ حبيب جي حويليءَ جي ڦَتل ماڳ)

ويندي. آئون نموني لاءِ شروع ۾ بہ ٽي اصطلاحن وارا بيت ۽ پوءِ هن تر جي ڪجهہ لفظن وارا بيت ۽ انهن جون معنائون پڻ ڏيندس.

پُنهون چَڙِيو پَوءِ، جَانِبُ **جَبلِ گهورئين**،
**تيلاهين تنگون** ڪريين، جيلاهين تون جَوءِ
ساجن سُڄ نِهاريين، ڏُکي ڏوهُ ڪِئوءِ،
هَاڙهي هَوتُ نہ هَوءِ، وري پڇ وينئين ڪي.

(سر آبري 1/3 ب. خ. شيخ جلد II ڇاپو ٻيو 2012ع

جبل گھورڻ (اصطلاح)= ڄاڻي ٻجهي مصيبت سِر تي کڻڻ، ڏسي وائسي باھہ پاڻيءَ ۾ ٽپو ڏيڻ.

تنگون ڪرڻ (اصطلاح = اجايو بي سود ڊوڙڻ ڀڄڻ، پنهنجي وزن ۽ وت کان وڌي ڳالھہ ڪرڻ / وڏيڪ بار کڻڻ.

دَران مَنجھہ دوس ٽِڱو موٽي **پڇ پاڻهين**،
عَبث آڳاهينَ، وجئو ڪُوڪِين ڪانڌ کي.

(سر آبري 6/3 ب.خ. شيخ جلد II ڇاپو ٻيو 2012ع)

پاهين پڇڻ (اصطلاح) = پنهنجو پاڻ ڏسڻ، اندر اورڻ، دل جي ڳالھہ چوڻ

سَڏَاِئتي سَيَڪَا، ٻُکَ نہ بَاسي ڪَا،
جيھِيءَ تيھِيءَ ذَاتِ جي، جنبَش ڪَانھي جاءِ،
مون سين هَلي سا، جا جيءُ مِنو نہ ڪري.

(سر آبري 2/4 ب.خ. شيخ جلد II ڇاپو ٻيو 2012ع)

مٿئين بيت جي پهرين سٽَ ۾ آيل لفظ ٻُکَ، جو هن وقت تائين جي سيني ڇاپيل رسالن ۾ ايئن ئي لکيل آهي، هن بيت ۾ آيل لفظ ٻُک تي آئون ڪافي اڳ پنهنجي هڪ مقالي ۾ **ٻَکَ** جي حوالي سان ذڪر ڪري چڪو آهيان. **ٻَکَ** باسڻ اصطلاحي طور بہ هن تر ۾ ڳالهائجي ٿو هي عقيدي جي حوالي سان هڪ سنؤڻ/ سنوڻ بہ آهي، جو هن تر ۾ اڪثر ڪري هندو توڙي مسلمان عورتون ڪن. پنهنجي ڪنهن پياري دل واري تان يا ڪهن بيمار يا ٻار وغيره تان جهنگ ۾ ڪو ننڍو ڪکڙ يا ٻڪر تنگون ڏاٽي (ڪکڙ يا ٻڪر جي، وک جيترو ڪارو وٽيل ڏاڳو ٻڌي) ڇڏي ڏين تہ جيئن ڪو جهنگ جو گدڙ لومڙ يا ڪو آٿهڙو واٿهڙو آسانيءَ سان جهلي وڃي، تہ ان دل واري پياري بيمار يا ٻار تي ڪابہ آيل مصيبت ٽري وڃي. ٻَکَ باسڻ (اصطلاح) = ساھہ جو آسرو لاهڻ، پاڻ کي جهنگ حوالي ڪرڻ. تہ مٿئين بيت ۾ سسئي چوي تہ سڏون تہ مون سان گڏ هلڻ جون سيڪا ڪري ٿي، پر پنهنجي جَانِ جي ٻَکَ ڪابہ نٿي باسي، ۽ هيئين سٽ ۾ تہ اجا بہ ٻَکَ جي معنيٰ واضح ٿئي ٿي، سسئي ٿي چوي تہ مون سان اها هلي جنهن کي پنهنجو جيءُ منو نہ هجي، معنيٰ پاڻ کي گهوري ڇڏي، اهو بيت گذريل سال 2015ع ۾ ٿيل شاھہ لطيف جي عرس جي موقعي تي تاج جويي پڙهيو تہ هال ۾ ويٺل ذوالقرنين شاھہ اعتراض واريو تہ اها ٻُکَ آهي نہ کي

ٻَڪَ، پر اهو سنوڻ ۾ اصطلاح هن تر ۾ آهي، سيد ذوالقرنين شاهہ پلي اعتراض واري پر شاهہ جي بيت جي معنيٰ ٻَڪَ سان ئي درست ٿئي ٿي.

**وِهمَ وِرساياسِ،** نہ تہ پنهون آئون پاڻَ هُئي،
ٻَاڻَ وِڄايُمِ پانهنجو، پئي پريان جي پاس،
رَتي عِلمَ نہ راسِ، پسڻ ڏاران پِرينءَ جي.

(سر آبري 8/5 ب ـ خ ـ شيخ جلد II ڇاپو ٻيو 2012ع)

وهم ورسائڻ (اصطلاح) = اجايو شڪ ڪرڻ، ٻُڏ تر ۾ ڪو صحيح فيصلو نہ ڪرڻ، بدشد ڳالهائڻ.

ٿَڪُ تہ **ٿيين ٿانءِ،** پهتي ڪانہ پنڌُ ڪري،
سي لالڻ هنيون لاءِ، منجهان هج هلن جي.

(سر آبري 24/8 ب.خ شيخ جلد II ڇاپو ٻيو 2012ع)

هينئين سٽ ۾ "هنيون لانءِ" هئڻ گهرجي، جيئن مٿئين سٽ ۾ "ٿيين ٿانءِ" آهي.

ٿانءِ ٿيڻ (اصطلاح) = ماڳائتو ٿيڻ، حال پائي ٿيڻ

**ٿَڪِيائي ٿَر ٿِيلِ،** چڙهہ چُڪِيائي چوٽِيين،
هَلَندي هوت پُنهونءَ ڏي، ٻِيءَ **مڙيئي ٻيلِ،**
اُٿي رَائو رَيلِ، وَيڻِن تان واري وري،

(سر آبري 8/13 ) غلام محمد شاهواڻي، ڇاپو پهريون 1950ع

ٿر ٿيلڻ (اصطلاح) = نااميد نہ ٿيڻ، مصيبت کي منهن ڏيڻ.

ٻيل ٻيلڻ (اصطلاح)= سپ لاڳاپا لاهڻ، ناتا ٽوڙڻ

رائو ريلڻ (اصطلاح)= پار ڪرڻ / اُڪرڻ، جهولي نہ جهلڻ

ڪُچاڙو ڏيئي، آئون مِڙَندِي پرينءَ کي،
سِرِ تي **سُنتَ پانيان،** سڄينديس سوئي،
اَوڙَڪِ اُهوئي، وجهنديس پيش پنهونءَ جي.

(سر آبري 8/28 ب. خ. شيخ جلد II ڇاپو ٻيو 2012ع

سنت پائڻ (اصطلاح)= نظر نياز ڪرڻ، قربان ٿيڻ.

جيئن هن بيت جي آخري سٽ ۾ اوڙڪِ معنيٰ نيٺ آخر آهي، پر هي لفظ

اصطلاحي طور اڳڪٿي ڪرڻ، اڳواٽ نتيجي ڪڍڻ لاءِ بہ هن تر ۾ استعمال ٿئي، (اوڙڪ آڪڻ – اصطلاح) ڀهراڙيءَ جو ريڍار، ٻڪرار ويچارو ڪري اڳ ڪٿي ڪندو هو غريب فطرت سان ئي هم ڪلام ٿيندو تہ هن سال مِينهِن گهڻا پوندا، هن سال پارو ڪرندو، هن سال ڏڪار پوندو يا جَهڪُون لڳنديون، وغيره ڀهراڙيءَ جي ماڻهوءَ جون اهي ئي اڳڪٿيون هونديون ٻيو ڇا؟

هيٺ چند بيت هن تر جي لفظن وارا معنائن سميت لکان ٿو اهي لفظ هن وقت بہ عام ڳالهايا وڃن ٿا، جي گهڻن کي شايد اوپرا لڳن.

سَسِئيءَ ڪِينَ سَمُجِهئو، اَوري آريءَ ساڻ،
ڪري **پيڪُ** پُنهُوَّ سين، **پاڏارِيائَين** پاڻ،
جَتِ وِڃايو جاڻُ، ٻانيڻ ٻَروچَنِ سين.

(سر آبري 1/10) شاهواڻي، ڇاپو پهريون 1956ع.

هن بيت جي ٻي سٽ ۾ آيل لفظ پيڪُ ۽ پاڏاريائين عامَ جي واهپي ۾ آهن، پيڪ لفظ جي معنيٰ هر رسالي ۾ ٽي چار لفظ لکيل آهن، جيئن شاهواڻي صاحب: ديدار، ڏيٺ، دوستي لفظ معنيٰ طور ڏنا آهن، ٻانهي خان شيخ هن لفظ جي معنيٰ لاءِ: محبت، سنگت، واقفيت، لاڳاپو جهڙا لفظ رکيا آهن، جيئن ڀهراڙيءَ جو ڪو عطائي ڊاڪٽر بخار واري مريض کي، مليريا کان وينديءَ مُدي جي ٽَپ واريون دوائون هڪڙي



(پيئن پور: شاهہ حبيب جي مسجد جو ڏيک)

ئي سئيءَ ۾ گڏي مريض کي ٿنبي چڙيندو ڪانه ڪا دوا تہ وڃي اثر ڪندي، هت بہ اهائي ڪار آهي، پر رڳو معنيٰ بڇي ...!!

پيڪُ معنيٰ ”نينهن جو ناتو“ جو لوڪ ڪان لڪائڻو ٿو پوي، پر سسئي پاڌاري معنيٰ ظاهر ۽ پڌرو ڪري وڏو ان جو ازالو بہ ويچاري ادا ڪيو.

”سِسِي ڏيئي سَام سُتي سَنگُهر پٽيين“ (شاهہ)

سام ڏيڻ، سَام پوڻ، سام جهلڻ ۽ سام ڪٽڻ اهي بہ اصطلاح آهن.

سام ڏيڻ = پنهنجو پاڻ کي قربان ڪرڻ، موت سان لائون لهڻ، اهو ”پاڻ گهورڻ“ وارو ڪم سسئيءَ ئي ڪيو هو:

”قرباني قبوليوس، باسي مُنڌ موت هلي“ (شاهہ رح)

سام پوڻ = ڪنهن اڳيان پيش پوڻ، هٿيار ڦٽا ڪرڻ، آڻ مڃڻ.

سام جهلڻ = مصيبت وقت ڪنهن جي ننگ ۽ لڄ يعني زائفائن کي پنهنجو ننگ (مائون ۽ ڀيڻون) سمجهي ان جي هر حال ۾ حفاظت ڪرڻ.

سام ڪٽڻ = وار وار ۾ ضامن پوڻ، هر ڳالهہ ۾ ٻڌل رهڻ، ڪنهن وٽ مدد لاءِ پاڻ هلي وڃڻ، ڪنهن جو در لنگهي اچڻ (مدد لاءِ اچڻ نہ وڃڻ وارو).

هيئنين بيت ۾لفظ ڏاهِہ جي معنيٰ رسالن ۾ ٻانهي، گولي، اي ڏاهہ لکيل آهي. جا پنهنجي جاءِ درست آهي، پر ڏاهِہ اها ٻانهي، گولي يا نوڪرياٽي، يا مالڪن ڪان سندن مرضي وارو مُلهہ ڳني ورتل هجي، جا جيئري تہ ٺهيو پر مئي پڄاڻان بہ ان جو جنازو، موٽي مالڪن ڏانهن نہ ويندو. شاهہ لطيف عام نوڪرياٽيءَ واري لفظ بدران ”ڏَاهِہ“ وارو وزني لفظ ڪتب آندو آهي.

پَسِي ڏُونگَرَ ڏاهِہ، جِمَ هلڻ ۾ هيٺي وَهين،
**لانچي** لڪ لطيف چَي، پُنِيَ ڪيچِينِ ڪاهِہ،
پُڇي پُورج سَسُئِي، بَلوچاڻي باهِہ،
اِنَ وَڙَائِتي وَرَ جِي، آسَرَ هَڏ مَ لاهِہ،
جو اَڪِنِئون اوڏو آهِہ، سو پرين پَراهُون مَ چئو.

(سر آبري 1/2 ) شاهواڻي 1950

مٿئين بيت جي ٻي سٽ ۾ هن تر جو عام لفظ ”لانچي“ بہ آهي، جنهن جي شاهواڻيءَ صاحب، ڳولي معنيٰ ڏني آهي ۽ ٻانهي خان شيخ صاحب، ٻڌي معنيٰ رکي

آهي. پر هن تر ۾ لانچي معنيٰ اُڪري، پَار پئي/ ٿي، اورانگهي.

اَئِين وَريتيون وَرو، آئون نہ وَرَندي وَرَ ري،
**جَاڏِي** هِنَ جَبلَ جو **ٽانگِهينديَسِ** تَرو،
جَتَنِ سَاڻُ ذَرو، نِينهُن نِبيرَڻ نہ ٿِئي.

(سر آبري 4/9 ب-خ شيخ جلد II ڇاپو ٻيو 2012ع

مٿئين بيت جي ٻي سٽ ۾ لفظ جَاڏِي معنيٰ اوکي، اڙانگهي طور ڪوهستاني لهجي ۾ عام ڳالهائجي ٿو ۽ هن سٽ ۾ آيل لفظ تانگهينديس، ڪنهن بہ جوکائتي ڪم يا قدرتي آيل آپدا (پاڻي، باهہ، طوفان وغيره) مان پار پوڻ يا پار ٿيڻ جو اٽل ارادو ڪرڻ لاءِ ڪوهستاني لهجي ۾ عام ڳالهائجي ٿو.

توسين ٻول ٻُهُون، سهسين ساڃن جي ڪري،
ڪنديءَ توءِ **ڪهُون**، جي نالو ڳِيَڙَءِ نينهن جو.

(سر آبري 4/16) جلد II ڇاپو ٻيو 2012ع

مٿئين بيت ۾ لفظ "ڪهون" ڪوهستاني لهجي ۾، پنڌ هلڻ واري اڙانگي سفر ۾ ٿڪي بيزار ٿيڻ کان پوءِ بہ ٿڪ پيچڻ کان سواءِ هلندو رهڻ لاءِ عام ڳالهائجي ٿو.

ڇُلان مَنجِهمِ نہ **ڇَاڪَ**، پُران پُونِم پُرڪَٽَا،
مَچِڻ ڪا مُنڌَ ڪَري، موتِڻ جِي مذاقَ،
ڇِٽُ سَندو مون ڇَاڪَ، هاڙهي **هَڏِ** هٽي ڪِئو.

(سر آبري 4/18) جلد II ڇاپو ٻيو 2012ع

مٿئين بيت جي پهرئين سٽ ۾ لفظ ڇَاڪَ، جسماني سگهہ ۽ سونهن لاءِ، پُران لفظ نستِ ۽ نِزور هئڻ باوجود بہ پيرين پنڌ هلڻ لاءِ ۽ آخري سٽ ۾ لفظ هَڏِ، بنهہ، اصل، صفا عام رواجي طور هن سڄي ڪوهستاني تر ۾ ڳالهائجي ٿو.

ويئي سونهن سسئيءَ جي، پنهون ٿيس پاڻَ،
سيني جي سيد چئي، آهي اِتِ **اُماڻَ**،
ينيور جا **پَاڻَ**، آڏا آريچن ڪي.

(سر آبري 5/7 ) جلد II ڇاپو ٻيو 2012ع

هن مٿئين بيت جي ٻي سٽ ۾ لفظ اِتِ، بنهہ ويجهي شيءِ لاءِ هِتي/هِتِ جي معنيٰ ۾ ڳالهائجي، هن ئي سٽ جي آخري لفظ "اُماڻ" جِي، زير، زبر هيٺ مٿي ڪرڻ

سان معنيٰ ئي بدلجي ويندي، جيئن هن بيت ۾ ”اُمَاڻَ“ ”ڻَ“ تي زبَر سان معنيٰ اَمانت ٿيندي، پر اُماڻِ ”ڻِ“ تي زير ڏيڻ سان معني ٿيندي روانو ڪر (رواڻ، مَوڪل) جيئن شاهہ لطيف سر حسينيءَ جي هن بيت ۾ ”اُماڻِ“ لفظ مَوڪلِ، روانو ڪر جي، حوالي سان ڪتب آندو آهي.

يَنيَوران ٻَاهُرِ تي، اَمَڙِ مون **اُمَاڻِ**،
اسان تو رهاڻ، موتي ڳا مس ٿئي.

(حسيني 3/5) جلد II ڇاپو ٻيو 2012ع

اهي ٻئي لفظ اُماڻَ ۽ اُماڻِ ڪوهستاني لهجي ۾ انهن مٿي ڄاڻايل معنائن لاءِ عام طرح ڳالهايا وڃن ٿا، سر آبريءَ، واري بيت جي تي سِٽِ ۾ آيل لفظ بہ هن تر ۾ زير، زبر هيٺ مٿي ڏيڻ سان الڳ معنيٰ رکي ٿو جيئن ٻِاڻَ معنيٰ ماڳ مڪان، جايون، ٻِڏَ ۽ ٻَاڻِ/ يانُ معنيٰ مال جا ڇيڻا، جنهن ڪي جَمُ بہ چون، تہ اهي لفظ بہ هن تر ۾ عام ڳالهائجن ٿا.

هُوتُ تنهنجي هَنج ۾ پُڇين ڪُوهہ **پَرياڻُ**،
وَنَحۡنُ اَقۡرَبُ اِلَيۡهِ مِنۡ حَبۡلِ الۡوَرِيۡدِ، تنهنجو توئي ساڻُ،
پنهنجو آهي پاڻ، آڏو عجيبن ڪي.

(آبري، 5/14) جلد II ڇاپو ٻيو 2012ع

مٿئين بيت ۾ آيل لفظ پَرياڻُ زير ۽ پيش هيٺ مٿي ڏيئي الڳ معنيٰ طور هن تر ۾ ڳالهائجي هن بيت جي پهرين سٽ ۾ پرياڻُ، ”ڻ“ تي پيش (ـُـ) سان معنيٰ ٿيندي ڏاريو پرائو اهو ساڳيو لفظ سر حسينيءَ جي هيٺئين بيت ۾ بہ آيل آهي جو رسالن ۾ ”پَرياڻُ“ ئي لکيل آهي.

آتڻَ ۾ پَرياڻُ، هو سيني جيڏيين،
مون سياڳيءَ ساڻ، ڪير چلندي ڇپرين.

(حسيني 2/19) جلد II ڇاپو ٻيو 2012ع

مٿي ڏنل سر حسيني واري بيت جي پهرين سٽ ۾ لفظ پرياڻ ۾ ”ڻ“ تي زير ڏينداسين تہ پوءِ هن بيت جي، معنيٰ درست ٿيندي. پَرياڻِ = ڏَس پتو وَڃن واعدو.

سَرتيون سَيوئي ٿِئو اندر آرِيَاڻِي،
وينيي پَسان پاڻ ۾، ڏونگر ڏِهاڻِي،
هُيس جِنِ **هَاڻِي**، سي ڪيچي گڏيَمِ ڪَهَ ۾.

(آبري 5/16) جلد II ڇاپو ٻيو 2012ع

هن بيت جي آخري سٽ ۾ لفظ هَاٽِي هن تر ۾ آسري تي، پروسي تي جي معنيٰ ۾ عام ڳالهائجي جيئن هن تر جي سگهڙ نالي چڱي ڀالاريءَجي سر سسئيءَ وارن بيتن ۾ ان هڪ بيت ۾ هاٽِي لفظ آيل آهي.

هئي جِن هَاٽِي، ساٽِي نہ ٿيڙس سي،
ڀول ڀروچي وِترو، سنڌ لڪن لامون ڏي،

رسالن ۾ لفظ ”هاٽِي جي معنيٰ، جي ماريل، وس ۾، جتي، لکيل آهي.

هيڳانديءَ هوئي، پِرين **ڀَاٽوريءَ** هَلئا،
ڳَندينءَ ڪوهُہ روئِي، پُوندو سَانگُ سَيڪنهن.

(سر آبري، 7/7 ) **جلد II چاپو ٻئو** 2012ع

مٿئين بيت جي پهرين سٽ ۾ لفظ ”ڀاٽوري“ بہ هن تر ۾ ڳالهائجي، هي لفظ رات جي، ٿئي پهر لاءِ استعمال ٿئي ٿو جڏهن رات بنهہ ٺري پوندي آهي، ان وقت ڪتا ۽ ڪڪڙ بہ ننڊ ۾ هوندا آهن. رسالن ۾ فجر جي مهل، فجر جي وقت، پرهہ جي وقت لکيل آهي، فجر يا پرهہ جو وقت ڀاٽوريءَ وارو پهر گذرڻ کان پوءِ شروع ٿئي ٿو.

**ڀَاڀَاٽِي** ٿي ڀورِ، ڀُنِيءَ ڪيچِين ڳَرِا،
رائو مڙوئي رت سين، ڪارڻ ڪانڌ ڳَڪورِ،
لَانچي لَڪَ لطيفُ چي، اُٿِي ڏُونگر ڏورِ،
جَتُ وجي ٿو زورِ، اُپُڙُ تان اوڏِي ٿيين.

(آبري 8/10 ) **شاهواڻي چاپو پهريون** 1950ع

هن بيت جي شروع ۾ لفظ ”ڀاڀاٽيءَ“ جي معنيٰ رسالن ۾، شريڪ، ڀائيوار، ڀاجوڪڙ، همت واري سرت واري لکيل آهي، پر هن تر ۾ ڪرت جي حوالي سان هي لفظ استعمال ٿئي، جيئن ڪا عورت سونارن جي ڦٽي ڪيل ڦلهيار مان سون جا بنهہ سنها ذرڙا ڳولي تہ ان کي چون ڀاڀاٽي، ان سونارن واري ڦلهيار جي ڍڳ مان ڀاڀاٽي کي رتيءَ جيترو سون بہ مس پلئہ پوندو هوندو. هن ڦلهيار مان سون ڳولڻ بہ وڏيءَ سرت ۽ همت جو ڪم آهي، تہ شاهہ لطيف بہ سسئيءَ کي چئي ٿو تہ. پنهونءَ جي ڳولا ڀاڀاٽيءَ جيان ڪر. هن ئي بيت جي ٽي سٽ ۾ لفظ ”لانچي“ جي معنيٰ ”ڀَڏي“ درست ڏنل آهي، هي لفظ اصطلاحي طور بہ هن تر ۾ ڳالهائجي ٿو جيئن:

لانچي لهڻ = (اصطلاح) نهاري ڳولي هٿ ڪرڻ.

لانچي ٻڌڻ = (اصطلاح) ڳسي ناهي نوڪي ٻڌڻ (جيئن ملھ وڙھڻ لاءِ سندرو ناهي ڪسي ٻڌبو آهي).

هن ئي بيت جي آخري سٽ ۾ لفظ "اُپڙ" بہ هن تر ۾ عام ڳالهائجي، جنهن جي معنيٰ رسالن ۾ (تکو) پنڌ ڪر، وک وڌاءِ لکيل آهي، اُپڙ معنيٰ وڏيون ٻرانگهون پري هلڻ، يعني جڻ تہ ڊوڙي هلڻ آهي. اَن مان ڳتنگر وغيره ڪيڻ لاءِ سُپ ۾ اَنُ وجهي، سُپ کي ٻنهي هٿن سان هيٺ مٿي ڪري لولرائين تہ جيئن ان مان ڪن ڪچرو ٻاهر نڪري اچي، ان عمل کي اُپڙڻ/اُپڙ چون. لاڙ توڙي ڪوهستان ۾ هي لفظ عام ڳالهائجي.

ڪوهستاني لهجي جا سر آبريءَ ۾ شاهہ لطيف ٻيا بہ کوڙ لفظ استعمال ڪيا آهن، جي هن وقت بہ عام ڳالهائجن ٿا. جيئن مارڳ، ورچي، سَنَري/سَنَرو، ڌَرَي، جَرِيدِي، جَوراٽو، پَاٽُو، چَاتَارِين، چُلُ، کَوتِي، سُوجهي، وَاگهُ، ڪُسَنِ، کُهِي، نِينِ، جَهڙِي، وَيرپيٽو، رَيبي وغيره.

آئون انهن مٿين ويهارو کن لفظن مان فقط چند لفظن جون معنائون هيٺ ڏيان ٿو جي رسالن ۾ تہ عالمن پنهنجي حساب سان ڏنيون آهن.

(1) وِرچي = بيزار
(2) ڌري = ڊني
(3) جوراٽو = موت
(4) جريدي = هَڪي حاضر، اوڏي مهل تيار
(5) واگھ = چِٽو (جانور)
(6) ڪُسَن = ڏارين
(7) کُهي = ٿڪي
(8) نِينِ = وٺي وڃن.

## حوالا


1. شيخ، ٻانهون خان، "شاهہ جو رسالو" جلد ٻيو "شاهہ لطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽي 2012ع.
2. شاهواڻي، غلام غلام محمد "شاهہ جو رسالو" (سر آبري) ڇاپو ٻھريون 1950ع
3. "ڪلاچي" تحقيقي جرنل، شاهہ لطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽي (سيپٽمبر 2001)
4. "سنڌي ٻولي" تحقيقي جرنل، شمارو ٻھريون، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد 2008ع